اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ علٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# درود شريف جي فضيلت

**اميرالمُؤمنين، حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتضيٰ، شيرِ خدا** كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم **فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن مسجد وٽان گذرو تہ رسولِ اڪرم، نُورِ مُجسَّم** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **تي درود پاڪ پڙهو.**

(فضل الصلاة علي النبي للقاضي الجَهضمي، ص 70، حديث: 80)

# صدقۂ فِطرءِ زڪوٰة بابت اهم معلومات

صدقو ٻن قسمن جو ٿيندو آهي: (1) **نفلي:** جيڪو وقت ۽ مقدار ۾ پڻ هر قسم جي شرط کان آزاد آهي (2) **واجب** (ضروري): جنهن جو مقدار ۽ وقت شريعت جي طرفان مقرر آهي، جيئن زڪوٰة، فطرو وغيره. صدقو نفلي هجي يا واجب، ٻنهي ۾ دين و دنيا جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن. ظاهري طور صدقو ڏيندي مال گهٽ ٿيندي نظر ايندو آهي پر حقيقت ۾ حديث مطابق صدقو مال ۾ اضافو ئي ڪندو آهي. صدقۂ فطر ۽ زڪوٰة مالي عبادتون آهن ۽ واجب آهن. صدقۂ فطر جو حڪم حضور نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم زڪوٰة کان پهريان ان سال ڏنو جنهن سال رمضان جو روزو فرض ٿيو. صدقۂ فطر جو ادا ڪرڻ هر ان مرد ۽ عورت جي لاءِ ضروري آهي جنهن وٽ ساڍا ست تولا سون يا ساڍا ٻاونجاهہ تولا چاندي يا ايتري چاندي جي رقم يا ايتري ماليت جو مالِ تجارت هجي ۽ اهي سڀ حاجاتِ اصليہ کان فارغ هجن. صدقۂ فطر غريبن ۽ مسڪينن کي ڏنو ويندو آهي تہ جيئن اهي بہ عيد جي خوشين ۾ شريڪ ٿي سگهن ۽ صدقۂ فطر فضول ۽ بيهوده ڳالهين کان روزن جي پاڪائي جو ذريعو آهي.

زڪوٰة اسلام جي پنجن رڪنن مان ٽيون رڪن آهي جنهن جي لغوي معنيٰ پاڪ ڪرڻ يا پروان چڙهائڻ آهي، تنهن ڪري زڪوٰة ادا ڪرڻ مال جي پاڪيزگي ۽ اضافي جو بهترين ذريعو آهي. زڪوٰة شريعت ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ مال جي هڪ حصي جيڪو شريعت مقرر ڪيو آهي کي مسلمان فقير کي مالڪ بنائڻ آهي ۽ اهو فقير نہ هاشمي هجي، نہ هاشمي جو آزاد ڪيل غلام ۽ پنهنجو نفعو ان کان بلڪل الڳ ڪري ڇڏي. ان جو بنيادي مقصد غريبن جي مدد، معاشرتي فلاح و بهبود ۾ صاحبِ حيثيت ماڻهن جو حصو ملائڻ ۽ مستحق ماڻهن تائين زندگي گذارڻ جو سامان مهيا ڪرڻ آهي. بيشڪ زڪوٰة غربت ختم ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي، جيڪڏهن سيئي امير ماڻهو زڪوٰة ڏين تہ غربت بلڪل ختم ٿي ويندي. ياد رکو! جهڙي طرح سڄي جسم ۾ رت جو گردش ڪرڻ ضروري آهي، جنهن حصي تائين رت نہ پهچندو اهو حصو مفلوج ٿي سڄي جسم جي لاءِ بار ۽ مصيبت بڻجندو آهي، اهڙي طرح سڀني حقدارن ۾ زڪوٰة ۽ صدقۂ فطر جي رقم جو گردش ڪرڻ نهايت ضروري آهي نہ تہ پوءِ نہ رڳو انهن پريشان ماڻهن جي پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو بلڪ معاشري تي بہ ان جا منفي اثر مرتّب ٿيندا.

اها ڳالهہ بہ ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ زڪوٰة جو معاملو هرگز هرگز عام خيرات وانگر ناهي جو ڏئي ڇڏي تہ سني ڳالهہ آهي ۽ نہ ڏني تہ ڪا ڳالهہ نہ آهي بلڪ اها هڪ مالي عبادت آهي ۽ قرآن و حديث جي روشني ۾ ان جي ادائگي فرض آهي اهو غريبن جو اهو حق آهي جيڪو انهن جي عزتِ نفس مجروح ڪرڻ کان بغير انهن کي ڏيڻ لازمي آهي. ان کان علاوه ان جي اهميت ۽ ضرورت جو اندازو هن ڳالهہ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو جو قرآن پاڪ ۾ تقريبًا 82 جاين تي زڪوٰة جو ذڪر نماز جهڙي اهم عبادت سان گڏ ڪيو ويو آهي. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي جڏهن يمن جو گورنر بڻائي موڪليو تہ ٻين ارشادن سان گڏوگڏ هي بہ فرمايائون: ”انهن ماڻهن کي ٻڌائجان تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن جي مال ۾ زڪوٰة فرض ڪئي آهي جيڪا مالدارن کان وٺي ڪري فقراء کي ڏني ويندي.“ (ترمذي 126/2 حديث: 625)

زڪوٰة نہ ڏيڻ وارن جو هي سوچڻ تہ زڪوٰة ڏيڻ سان مال ۾ گهٽتائي ٿيندي ۽ نہ ڏيڻ سان ڪثرت برقرار رهندي، ان سان اسان کي سڪون ملندو، اسان من پسند زندگي گذاريندا سين، عيش و عشرت جي لحاظ کان معاشري ۾ وڏي عزت سان رهنداسين، اهو سمورو نفس ۽ شيطان جو ڌوڪو آهي جنهن ۾ ڪيترائي دولتمند مبتلا آهن. اهڙن

ماڻهن کي هن ڳالھ جو لحاظ رکڻ گهرجي تہ انهن جي سموري ملکيت **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل نعمت آهي. يقينًا جڏهن اها ڳالھ پيشِ نظر رهندي تہ نہ رڳو خوش دلي سان زڪوٰة جي ادائگي آسان ٿي پوندي بلڪ زڪوٰة ادا ڪرڻ جون اهي سيئي فضيلتون ۽ برڪتون بہ حاصل ٿينديون جيڪي قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيون ويون آهن مثال طور ايمان جي تڪميل، رحمتِ الٰهي جي برسات، تقويٰ ۽ پرهيزگاري، مددِ الٰهي، نيڪ ماڻهن ۾ شمار، ڪاميابي جو رستو، اسلامي ڀائيچاري جو اظهار، مسلمان جي دل خوش ڪرڻ جو اظهار، مال جي پاڪيزگي، برين صفتن مان ڇوٽڪارو، مال ۾ برڪت ۽ ان جي حفاظت، غريبن جون دعائون وغيره وغيره. البت زڪوٰة واجب هئڻ جي باوجود ادا نہ ڪرڻ دنيا ۽ آخرت جي خساري جو سبب آهي. آخرت جي وڏن نقصانن منجهان هڪ هي تہ آهي جو اهڙو شخص **الله** عَزَّوَجَلَّ جي سخت عذاب ۾ مبتلا ٿيندو ۽ ٻيو هي تہ جيڪو مال بطور زڪوٰة ادا ڪرڻ جي بدران بخل جي سبب روڪي ڇڏيو هو قرآن پاڪ جي مطابق ان مال کي قيامت جي ڏينهن جهنم جي باھ سان گرم ڪيو ويندو ۽ پوءِ ان شخص جي پيشاني، پني ۽ پاسا داڳيا ويندا ۽ پڻ اهو مال ان جي ڳلي جو طوق ثابت ٿيندو **الامان والحفيظ**. اهو تہ اُخروي نقصان هو باقي دنيوي نقصان تہ هي آهي جو اهڙن کي ڏينهون ڏينهن مالي خسارو ٿيندو رهندو آهي ۽ نيٺ انهن جي سموري پونجي تباهي جي وَر چڙهي ويندي آهي بلڪ حديث پاڪ جي مفهوم جي مطابق خشڪي ۽ سمنڊ ۾ ٿيڻ واري هر مالي نقصان جو بنيادي سبب زڪوٰة جو ادا نہ ڪرڻ آهي ۽ پڻ زڪوٰة نہ ڏيڻ برسات جي نعمت کان محرومي ۽ ڏڪار جو سبب بہ آهي.

## عيد نماز جو طريقو (حنفي)

پهرين هن طرح نيّت ڪريو: "مان نيّت ڪريان ٿو بہ رڪعت نماز عيدالفِطر (يا عيدالاضحيٰ) جي ساڻ ڇهہ زائد تڪبيرن جي، واسطي **الله** تعاليٰ جي، پنيان هن امام جي." پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر چئي معمول مطابق دُن جي هينان ٻڌي ڇڏيو ۽ ثنا پڙهو، پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر چئي هٿ ڇڏي ڏيو، پوءِ ٻيهر ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر چئي هٿ ڇڏي ڏيو، وري ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر چئي هٿ ٻڌي ڇڏيو، يعني پهرين تڪبير کان پوءِ هٿ ٻڌو ان کان بعد ٻي ۽ ٽين تڪبير ۾ هٿ ڇڏي ڏيو ۽ چوٿين ۾ هٿ ٻڌي ڇڏيو. ان کي هيئن ياد رکو جو **جتي قيام ۾ تَڪۡبِير کان پوءِ ڪجھ پڙهڻو آهي اتي هٿ ٻَڌَڻا آهن ۽ جتي ناهي پڙهڻو اتي هٿ ڇڏي ڏيڻا آهن**، پوءِ امام تَعَوُّذ ۽ تَسۡمِيَہ آهستي پڙهي اَلۡحَمۡدُ شريف ۽ ڪا ٻي سورت جَهر سان (يعني وڏي آواز سان) پڙهي پوءِ رڪوع ڪري، ٻي رڪعت ۾ پهريان اَلۡحَمۡد شريف ۽ ڪا سورت جهر (يعني وڏي آواز) سان پڙهي ۽ پوءِ ٽي دفعا ڪنن تائين هٿ کڻي اَللّٰهُ اَكۡبَر چئو ۽ هٿ نہ ٻَڌو، ۽ چوٿين ڀيري بنا هٿ کڻندي اَللّٰهُ اَكۡبَر چوندي رڪوع ۾ وڃو ۽ قاعدي مطابق نماز مڪمل ڪريو، هر ٻن تڪبيرن جي وچ ۾ ٽي ڀيرا "سُبۡحٰنَ اللّٰهِ" چوڻ جيترو چپ رهڻو آهي.

(بهار شريعت ج 1 ص 781 درمختار ج 3 ص 61 وغيره)

## عيد نماز اڌ ملي تہ......

پهرين رڪعت ۾ امام جي تڪبيرون چوڻ کان پوءِ مُقۡتَدِي شامل ٿيو تہ ان وقت (تڪبير تَحۡرِيمہ کان علاوه وڌيڪ) ٽي تڪبيرون چوي، جيتوڻيڪ امام قراءت شروع ڪري ڇڏي هجي ۽ ٽي ئي چوي، جيتوڻيڪ امام ٽن کان وڌيڪ چيون هجن، ۽ جيڪڏهن ان تڪبيرون نہ چيون ۽ امام رڪوع ۾ هليو ويو تہ بيني بيني نہ چوي، بلڪ امام سان گڏ رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي، ۽ جيڪڏهن امام کي رڪوع ۾ مليو ۽ غالب گمان آهي تہ تڪبيرون چئي امام سان رڪوع ۾ ملي ويندو تہ بيني بيني چوي پوءِ رڪوع ۾ وڃي، يا ٻي صورت ۾ اَللّٰهُ اَكۡبَر چئي رڪوع ۾ وڃي ۽ رڪوع ۾ تڪبيرون چوي پوءِ جيڪڏهن ان رڪوع ۾ تڪبيرون پوريون نہ ڪيون هيون تہ امام مٿو مٿي ڪنيو تہ باقي تڪبيرون معاف ٿي ويون (يعني باقي تڪبيرون هاڻي نہ چوي) ۽ جيڪڏهن امام جي رڪوع کان اٿڻ کان پوءِ شامل ٿيو تہ هاڻي تڪبيرون نہ چوي بلڪ (امام جي سلام ڦيرڻ کان پوءِ) جڏهن پنهنجي

رهيل رڪعت پڙهي ان وقت چوي ۽ رڪوع ۾ جتي تڪبير چوڻ ٻڌايو ويو، ان ۾ هٿ نہ کڻي ۽ جيڪڏهن ٻي رڪعت ۾ شامل ٿيو تہ پهرين رڪعت جون تڪبيرون هاڻي نہ چوي بلڪ جڏهن پنهنجي رهيل (رڪعت) پڙهڻ لاءِ بيهي ان وقت چوي، ٻي رڪعت جون تڪبيرون جيڪڏهن امام سان ملي وڃن تہ بهتر نہ تہ ان ۾ اهو ئي تفصيل آهي جيڪو پهرين رڪعت جي باري ۾ ذڪر ٿيو. (بهار شريعت ج 1 ص 782 درمختار ج 3 ص 64 عالمگيري ج 1 ص 151)

## زڪوٰة ڪهڙي طرح ڪڍجي

| | |
|---|---|
| | سڀ کان پهريان زڪوٰة واجب ٿيڻ جي قمري تاريخ جو تعين ڪيو، زڪوٰة واجب ٿيڻ جي قمري / اسلامي تاريخ |

هن تاريخ جو ملڪيت ۾ موجود زڪوٰة لازم ٿيڻ وارن اثاثن جي مارڪيٽ ريٽ جي مطابق ماليت جو تعيُن هيٺ ڏنل طريقي سان ڪيو، ضروري مال زڪواة چارٽ ۾ لکيا ويا آهن

| | قابل زڪوٰة اثاثن جي ماليت | | رقم | اها رقم جيڪا زڪوٰة جي رقم کان جدا ڪرڻي آهي / Liabilities | رقم |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | سون | سون(زيورات) | | جيڪڏهن قرض ورتو آهي | |
| 2 | چاندي | چاندي (زيورات) | | گهر، دوڪان شين جون واجب الادا قسطون | |
| 3 | ڪرنسي | ملڪي وغير ملڪي ڪرنسي موجوده ريٽ | | ڪاميٽي (BC) جا بقاياجات (جڏهن تہ هي ڪاميٽي ملي چڪي هجي) | |
| | | بينڪن ۾ جمع ٿيل رقم (وياج کان علاوه) | | يوٽيليٽي بلز، بجلي، گيس وغيره جيڪڏهن سال پورو ٿيڻ کان پهريان اچي چڪا هجن | |
| | | پرائز بانڊز | | پارٽين جي ادائگي | |
| | | پراويڊنٽ فنڊ ۾ جمع ٿيل رقم | | ملازمن جون پگهارون | |
| | | بي سي ۽ ڪميشن ۾ جمع ٿيل رقم | | گذريل سالن جي زڪواة جيڪا ادا نہ ڪئي هجي | |
| | مالِ تجارت | خام مال فيڪٽري وغيره ۾ | | | |
| | | تيار ٿيل فيڪٽري يا دوڪان وغيره ۾ | | | |
| | | تجارتي پلاٽ، گهر يا فليٽ | | | |
| | | ڪاروبار ۾ شراڪت جي قابل زڪوٰة اثاثہ جات | | | |
| | | | 500000 | | 300000 |

ڪل مالِ زڪوٰة (رقم) 500000

ڪڍيل رقم 300000

قابل زڪوٰة رقم 200000

زڪواة ڪڍڻ جو فارمولو: ڪل رقم کي 40 تي ونڊ ڪيو 5000=40÷200000

# دعوتِ اسلامي جي دين جي خدمت جا 96 شعبا

{1} مدني انعامات {2} مدني قافلہ {3} مجلس بيرونِ ملڪ {4} مدني تربيت گاهون {5} مجلس هفتيوار اجتماع {6} مجلس تربيتي اجتماعات براءِ بيرونِ ملڪ {7} اجتماعي اِعتِڪاف (رمضان 30، 10 ڏينهن) {8} مجلس حج ۽ عمرو {9} مدني مذاڪرو {10} جامعةُ المدينہ (للبنين) {11} جامعةُ المدينہ (للبنات) {12} مدرسةُ المدينہ (للبنين) {13} مدرسةُ المدينہ (جُز وقتي) {14} مدرسةُ المدينہ ڪورسز {15} مدرسة المدينہ (للبنات) {16} مدرسةُ المدينہ (بالغان) {17} مدرسةُ المدينہ آن لائن {18} دارُالمدينہ (للبنين) {19} دارالمدينہ (للبنات) {20} دار المدينہ (اسڪول) {21} دارُالافتاء اهلسنّت {22} المدينہ لائبريري {23} تخصُّص في الفِقہ {24} مجلس علاج {25} مجلس تَوقِيت {26} مجلس ڪارڪردگي فارم و مدني گل {27} مختلف ڪورسز (مدني انعامات و مدني قافلہ ڪورس، قفلِ مدينہ ڪورس، مدني تربيتي ڪورس وغيره) {28} المدينة العِلمية {29} مجلسِ تراجم {30} مڪتبة المدينة {31} مڪتبة المدينہ جا بستا {32} مدني چينل {33} مجلس آئي ٽي {34} مجلس مووي رِلي {35} شعبہِ تعليم {36} مجلس ڪورسز براءِ شعبہِ تعليم {37} مجلس خصوصي اسلامي ڀائر {38} مجلسِ اصلاح براءِ قيديان {39} مجلس تاجران {40} مجلس وُڪلاء و ججز {41} مجلس ذرائع آمد و رفت (ٽرانسپورٽرز) {42} مجلس ڊاڪٽرز {43} مجلس هوميوپيٿڪ ڊاڪٽرز {44} مجلس وٽنري ڊاڪٽرز (جانورن جا ڊاڪٽر) {45} مجلس حڪيم {46} مجلس اصلاح براءِ ڪلاڙيان {47} مجلس عُشر و اطراف ڳوٺ {48} مجلس رابطہ {49} مجلس رابطہ بالعُلماء والمَشائخ {50} مجلس مزارات اولياء {51} مجلس نشر و اشاعت {52} مجلس گوشت فروش {53} مجلسِ خُدامُ المساجد {54} آئمہِ مساجد {55} مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ {56} مجلس صحراءِ مدينہ {57} مجلس لنگرِ رسائل {58} مجلس خير خواهي (زلزلو ۽ سيلاب زدگان وغيره) {59} مجلس افرادي قوت ايچ. آر {60} مجلس امامت ڪورس {61} لنگرِ رضويہ {62} مجلس ماليات {63} مجلس اثاثہ جات {64} مجلس اِجاره {65} مجلس حفاظتي اُمور {66} مجلس فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) {67} مجلس تعميرات {68} مجلس ڪارڪردگي {69} مجلس مدني عطيات بڪس {70} مجلس مدني بهارون {71} مجلس فيضانِ مُرشد {72} مجلس تجهيز و تڪفين {73} مجلس اِجتماعِ ذِڪر ونعت {74} مجلس ڪورس براءِ نومسلم {75} مجلس تفتيش قِرات و مسائل {76} مدرسة المدينہ للبنين (رهائشي) {77} مجلس آن لائن ڪورسز (علوم اسلاميہ ڪورس، نومسلم ڪورس، فرض علوم ڪورس) {78} مجلس چرم قرباني {79} مجلس تحقيقاتِ شرعيہ {80} مجلس اصلاح براءِ فنڪار.

**اسلامي ڀينرن جا شعبا:** {81} عالمي مجلس مشاورت {82} مجلس مدني ڪم براءِ اسلامي ڀينرون {83} مجلس فيضانِ مُرشد {84} مجلس شعبہِ تعليم {85} مجلس خصوصي اسلامي ڀينرون {86} مجلس مدني انعامات {87} مدرسة المدينہ (بالغات) {88} مجلس ڪورسز {89} مجلس حفاظتي اُمُور {90} مجلس رابطہ {91} مدني تربيت گاهہ {92} مجلس مدرسة المدينہ للبنات آن لائن {93} مجلس تعويذاتِ عطاريہ {94} مجلس علاج {95} مجلس تحفظ اَوراقِ مقدّسہ. {95} مجلس وقف املاڪ.

## عَطِيات جمع ڪرائڻ جي لاءِ بينڪ اڪاونٽ نمبرز

| براءِ زڪواة و صدقاتِ واجبہ | براءِ عطياتِ ۽ صدقات نافلہ |
|---|---|
| A/C No. 0388514411000260 | A/C No.0388841531000263 |
| Title : Dawateislami | Title : Dawateislami |
| Bank : MCB Bank | Bank : MCB BANK |
| Cloth Market Branch (0063) Karachi | Cloth Market Branch (0063) Karachi |